# گووند نهالاڻي

**مشهور و معروف فلم ڊئريڪٽر**

**ڀارت سرڪار طرفان پدم شري خطاب سان سنمانت**



Govind Nihalani
Eminent Film Director,
Recipient of the National Honour 'PADMA SHRI'

سهڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌين پنهنجي علم، عقل، اَورچائي ۽ هنر سان دنيا جي اِتهاس کي هڪ نئون موڙ ڏيندي پنهنجو اَلڳ مقام ۽ هڪ اَلڳ ڇاپ ڇڏي آهي. اِتهاس جي صفحه اوراق ۾ اَهڙين ڪيترين ئي سنڌي شخصيتن جو ذڪر ملي ٿو، جي اَڄ سوڌو هر کيتر ۾ پنهن جاتين سان ڳنڍ پاڻ موڪيندا رهيا آهن. اهو سمورو اَنمول خزانو وقت جي دز هيٺ لَٽجي نه وڃي؛ ان مقصد سان اَڄ اَسين ملون ٿا فلم ڊائريڪٽر ۽ سينماٽوگرافر،

**گووند نهالاڻيءَ** سان.

گووند نهالاڻي، پوين پن ڏهاڪن کان آرٽ فلمن کي هڪ اَهڙي مقام تي پهچايو آهي؛ جو اَڄ آرٽ فلمن کي به باڪس آفيس ۾ ڪاميابي ملي رهي آهي ۽ هالي ووڊ جيان هندوستان ۾ به ڊائريڪٽر جي اَهميت کي مقبوليت ملي آهي!

**جوَهراڻي:** **نهالاڻي جي! سڀ کان پهرين مان اَوهان کان اِهو ڄاڻڻ چاهيندس ته توهين سنڌ جي ڪهڙي حصي سان وابسته آهيو؟ اَوهان جي بزرگن جو اُتي ذريعه معاش ڪهڙو هئو؟**

**گووند:** جيتري قدر مونکي ياد آهي، اسان جي فيملي ’گمبت‘ سان تعلق رکي ٿي. منهنجي پتا صاحب جو ڪراچيءَ ۾ وڏو ڪاروبار هوندو هئو. هنن کي اُتي نيوُ چاليءَ ۾ هڪ وڏي چار منزله عمارت هئي.

**جوَهراڻي:** **اَوهان کي اُن وقت جي ساڃهه آهي؟**

**گووند:** تمام ڏنڌلي! مونکي ڪراچيءَ جي اها بلڊنگ ۽ اُن جي ٻاهران بادام جو هڪ وڏو وڻ؛ اُهي سڀ ياد آهن. پر وڌيڪ ياد اِهو ٿو اَچيم ته پارٽيشن وقت آءٌ هڪ تمام ننڍڙو ٻار هوس.

**جوَهراڻي:** **توهان جو جنم ڪڏهن ٿيو؟**

**گووند:** ڊسمبر ١٩٤٠ع. مون کي اهو ٻڌايو ويو آهي. باقي ٻيو ڪو رڪارڊ وغيره ڪونهي. ڪراچيءَ ۾ اَسان جو سنو ڪاروبار هوندو هئو. اُتان جي جيڪا اَهم ياد منهنجي ذهن ۾ اَڄ به تازه آهي؛ اُها ورهاڱي واري وقت جي آهي. اَسين سڀ ٻار ڇت تي وڃي ڪيڏيندا هئاسين. ”اِنقلاب زنده باد“ چوندا هئاسين. ٿي سگهي ٿو ته هيٺ ڪجهه اَهڙا نعرا لڳندا هوندا، جو اَسان جي ذهن ۾ به اُهو ڪجهه اَچي ويو هئو!

اَسان جو چاچو اَچي ڪري چوندو هئو ته اَوهين اهي نعرا نه لڳايو. اَسان جي ڇت تي ديوار جي ٻئي پاسي کان ماڻهو اَسان ڏانهن ٽافيون اُڇلائيندا هئا. پوءِ خبر پيئي ته اُتي ٻئي پاسي، پَر واري بلڊنگ ۾ ڪجهه ٻاهريان برٽش سولجرس اَچي رهندا هئا. اُهي جڏهن اَسان ٻارن کي ڪيڏيندو ڏسندا هئا ته اُهي اَسان ڏانهن ٽافيون اُڇلائيندا هئا.

**جوَهراڻي:** **اَهڙي ڪا سنڌ جي راند، جيڪا اَوهان کي ياد هجي. نڪرين جي يا ٻي ڪا راند جيڪا توهان ٻچپن ۾ ڪيڏي هجي؟**

**گووند:** مون نڪرين جي راند ته گهٽي ڪونه ڪيڏي آهي ڇو ته اُها ڇوڪرين جي راند آهي. باقي ’اِتي ڏڪر‘ راند مون گهٽي ڪيڏي

آهي. ’ڪٻڊي‘ ڪافي ڪئي آهي. ٻي ڪا اَهڙي خاص سنڌين جي راند مون کي ڏيان ۾ ڪو نہ ٿي اَچي.

**جوَهراڻي: اَوهان تعليم ڪٿي ۽ ڪيتري پرائي؟**

گووند: مون پرائمري تعليم اُديپور ۾ حاصل ڪئي.

**جوَهراڻي: توهان جي سموري تعليم هند ۾ ٿي يا سنڌ ۾؟**

گووند: سنڌ ۾ آءٌ ڪو نہ پڙهيو هوس! باقي منهنجو پتا مون کي گهر ۾ ’هندي‘ ٻولي سيکاريندو هئو. هوُ پاڻ هَٽ واڻڪائي اَکرن ۾ لکندو هئو . مان اُها بہ سکيو هوس؛ پر هاڻ وسري ويئي آهي. مون کي اُن وقت بہ اِئين لڳندو هئو تہ اها ڪا بيحد پراڻي لپي آهي.

**جوَهراڻي: برابر! اُها پراچين لپي آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ان لپيءَ کي شارٽ هئنڊ سان بہ ڀيٽيو ويندو آهي. شايد اَسان جا وڏا هٽ واڻڪي لپيءَ ۾ اِن ڪري لکندا هئا؛ جيئن ٻين ڏارين کي سمجهہ ۾ ئي نہ اَچي!**

گووند: ها! سچو ڪاروبار ۽ بنديون ان هٽ واڻڪيءَ ۾ ئي لکبيون هيون. هن مهل سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي صورتخطي جيڪا هلي رهي آهي، اُها تہ صحيح آهي؛ پر اَسان جي هٽ واڻڪي گم ٿيئي ٿيندي وڃي. اُن جو مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اُها اَسان جي اوريجنل لپي آهي.

**جوَهراڻي: اُهو تہ وقت سِر ٿيندو ئي رهندو آهي. پر هاڻ تہ اَسان جي سنڌي ٻولي، جيڪا اَسان جي سڃاڻپ آهي؛ شايد تنهن جي بہ گم ٿيڻ جا آثار نظر اَچي رهيا آهن!**

گووند: ها! بدقسمتيءَ سان اَسان سنڌين کي پنهنجي نِجِ ايراضي تہ آهي ڪانہ! اَسان جو ڪو پنهنجو پرانت ڪونهي! تہ اَسان جي ٻولي، اَسان جي سنسڪرتي ڪيئن Preserve ڪئي وڃي! اُن لاءِ مان سمجهان ٿو تہ هڪ ڪميونٽي طور بہ اُن جي ذميواري اَسان کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

**جوَهراڻي:** **اُن جو سبب اِهو آهي ڇا تہ اَسان جي جاتي هڪ هنڌ گڏ ڪونهي ۽ اَسين سڄي هندوستان ۾ ڦهليل آهيون؟**

**گووند:** صحيح ڳالهہ آهي! پر جتي جتي اَسين ٿوري تعداد ۾ بہ رهون ٿا، اُنهن کي تہ هڪ ٻئي سان گڏ ويجهو اَچڻ ئي کپي. اُن سان گڏ شخصي طور بہ اَسين هر گهر ۾ ٻارن کي پنهنجي ٻولي، پنهنجي سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ڏيون. ڇو تہ ان جي ذميواري تہ ڪميونٽي ڪونہ کڻندي؟ اُها تہ اَسان مان هرهڪ کي Individually کڻڻي آهي. اَسين پنهنجو پاڻ کيترو ڪم ڪريون ٿا! اُن ڳالهہ جي وڏيڪ اَهميت آهي.

**جوَهراڻي:** **ها! صحيح ٿا چئو، تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو فرض نڀائڻ گهرجي!**

**گووند:** مونکي ائين ٿو لڳي تہ هاڻ شايد اَسان جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي سنڌي لپي نہ رهي آهي ۽ اها تمام گهٽ ٿي پڙهي وڃي؛ پر گهٽ ۾ گهٽ اَسان کي پنهنجي اِتهاس جي تہ ڄاڻ هئڻ گهرجي. ان کي تہ اَسين ڪهڙي بہ لپيءَ ۾Preserve ڪري سگهون ٿا. پل اُها ديوناگري هنديءَ ۾ هجي. پل لپي اُها رکجي، پر ٻولي اَسان جي پنهنجي سنڌي ئي هجي. پل انگريزيءَ ۾ ئي ڇو نہ هجي، پر ڪٿي نہ ڪٿي تہ پنهنجو اِتهاس ضرور محفوظ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ صرف يادداشت تي تہ نہ ياڙي سگهبو.

It is very important to preserve our history!

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي، ڪافي سنڌي گهرن کي دربدر ڪيو. ڪيترين ئي مشڪلاتون در پيش آيون. اُن گرهڻ جي اَوهان جي نجي زندگي يا اَوهان جي خاندان تي بہ ڪا ڇايا پيئي؟**

**گووند:** ضرور پيئي! مون کي صرف ايترو ياد آهي تہ اُن وقت...

''First time I had seen blood''

انساني خون مون اُن وقت ڏٺو هئو. هڪ شام جو گهر ۾ ڏاڍا آواز اَچڻ لڳا. در دروازا زور سان بند پئي ڪيا ويا.

ڌڙ! ڌڙ! ڌڙ! ڌڙ!

مونکي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي!

منهنجا چاچا چاچيون بيحد Panicky voice ۾ ڳالهائي رهيا هئا. خبر پيئي، ته اَسان جا ٻه چاچا شام ڌيڙ تائين به اَچا گهر ڪونه موٽيا هئا. اُن وقت مون کي اَندازو ٿيو ته ڪجهه ٿي رهيو آهي. اَهڙو ڪجهه ٿي رهيو آهي؛ جنهن جي باري ۾ اَسان جي گهر ۾ هڪ ڀوءُ طاري ٿي ويو آهي! بعد ۾ اُهي جڏهن دير سان گهر پهتا ته اَسان کي ٿورو Relief مليو!

اَسان کي هڪ وڏي بلڊنگ هئي. منهنجي پتا صاحب اُن جي وراندي کي ڳوٺين سان ڍڪي ڇڏيو هئو. پر هو رات جو روٽي کائيندي ۽ ڳوٺين کي ٿورو هٽائيندي ٻاهر نظر ڪندو هئو ته اُتي ڇا ٿي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته اَسان کي خبر هئي ته اَسان جي بلڊنگ تي حملو ٿيڻو آهي!

اَسان جون جيڪي زالون گهر ۾ هيون؛ اُهي ڪپڙي جون ٿيلهيون ٺاهي اُنهن ۾ مرچ وجهي رکنديون هيون ته جيڪڏهن ڪو حملو ٿئي، ته ٻيو ته ڪوئي هٿيار آهي ڪونه، تنهن ڪري پنهنجي بچاءَ ۾ اُهو مرچن جو پائوڊر اُنهن جي اَکين تي اُڇلايو وڃي.

اَڄ به منهنجي ذهن ۾ اهي گهٽنائون تازيون آهن. سيني کان اَهم ڳالهه هڪ ٻي به ياد آهي ته هڪ شام جو بيحد گرمي هئي. سڀ شانت هئو ۽ ڪرفيو لڳل هئو. اوچتو ئي مون هڪ چيخ ٻڌي. چيخ ٻڌي آءٌ ٻاهر نڪتس ۽ ڇت کان هيٺ نهاريم ته اَسان جو هڪ پائيبند ماڻهو ڊوتيءَ ۾ زمين تي ڦٿڪي رهيو هئو! ڪو اُن کي ڇُرو هڻي ڀڄي ويو هئو. اُن مهل منهنجي ماءُ مونکي ڇڪيندي اَندر ڪيو.

''It is like flash photographic memory in my mind!''

**جوَهراڻي:** **مون کي لڳي ٿو ته ٻالڪپڻ واري عمر ۾ اَوهان جي ڪچڙي دل ۽ ذهن تي اُن خون ۽ دنگي فساد جيڪو اَثر ڇڏيو؛ اُن مان ئي 'تمس' ۽ 'ديو' فلم جو جنم ٿيو؟**

**گووند:** 'تمس' ۾ Definitely ! اِهي Impressions ئي آهن! جيئن هڪ ڪلاسيڪل گايڪ ڪجهه ڳائيندو آهي ۽ پنيان تانپورو هلندو آهي؛ ته اها يادداشت به هڪ قسم جو سُر آهي جنهن ۾ مذهب جي نالي

تي هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ Violence ٿيندي؛ تہ اُها Theme مونکي تمام گھري نموني محسوس ٿي رهي هئي. ’تمس‘ جي ٽائيم تي بہ اُهو ئي ٿيو!

مان جڏهن ڪان فلمن ۾ آيس؛ سوچيان پيو تہ مون کي ورهاڱي جي باري ۾ ڪجھ ناهڻو آهي. مون ڪيترا ڪتاب پڙهيا. ڇو جو مون کي سنڌي پڙهڻ ايندي آهي. مونکي سنڌيءَ ۾ لکيل اَهڙو ڪجھ ڪونہ مليو. بعد ۾ جڏهن مونکي ’تمس‘ مليو، تڏهن مون اُن تي ڪم ڪيو. ’ديو‘ بہ اُن جي ئي هڪ ڪڙي آهي. ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ بہ اُهي سڀ Issues آهن، جيڪي مونکي هميشھ ستائيندا رهندا آهن. يعني ڪنهن ڌرم کي وٺي Political Objectives حاصل ڪرڻ، يا ٻن Communities وچ ۾ ڀيد پاءِ ڪري Political فائدا وٺڻ.

سڀ کان اَهم ڳالھ تہ ڪيئن اَسان ڌرم جي نالي ۾ پنهنجي Constitutional Institutions ؛ چاهي پوليس هجي، چاهي I.A.S. هجي؛ اَلڳ اَلڳ Services آهن. ڪيئن سياستدان اُنهن Constitutional Institutions کي Corrupt ٿا ڪن! ڪيئن Divide ٿا ڪن ۽ اُن مان ڪيڏي Tragedy ٿي سگھي ٿي!

**جوَهراڻي:** **توهان جي باقي فلمن مان بہ لڳندو آهي تہ توهين وقت کان اَڳيان وڌي آيا آهيو! اَوهان جي دور درشٽي، اونهي سوچ، ايندڙ وقت ۾ جهاتي پائي اَندر پهچي ٿي!**

**جيئن: ’اَرڌ ستيہ‘ يا ’ديهم‘ جهڙين فلمن جو توهان نرماڻ ڪيو. ’اَرڌ ستيہ‘ ۾ جيڪو توهان اَڳي ڏيکاريو، اُهو اَسين هينئر سماج ۾ ڏسي رهيا آهيون. اهڙي سوچ اَوهان کي ڪيئن آئي؟**

**گووند:** بنيادي طور آءٌ چوندس تہ منهنجي زندگيءَ ۾ بہ ٻہ ٽي ڳالهيون اَهڙيون ٿيون، جنهن ڪري مون ۾ هڪ Sensitivity جو نرماڻ ٿي ويو. شيام بينيگل سان منهنجو گڏجڻ ٿيو.

Brilliant analytical mind! Good sense of history!
Fine intellectual and a fine artist !

تنهن کانپوءِ ستيہ ديو دُبي، ٿئيٽر جو ماڻهو آهي. هوُ بہ بيحد

ذهين شخص آهي. هن جي Contact ۾ مون ۾ هڪ نئين Sensitivity نرماڻ ٿيڻ لڳي. مون هندي لٽريچر پڙهڻ شروع ڪيو. نندپڻ کان ئي لٽريچر ۽ Politics سان منهنجو لڳاءُ هو. ٿئيٽر سان بہ ٿيڻ شروع ٿيو. سنيما ۾ تہ Mr. V. K. Murty منهنجو گرو آهي.

هڪ اَهڙي قسم جي ويچار ڌارا مون ۾ نرماڻ ٿي، جنهن مان هميشهہ اِئين سمجهندو هوس تہ اِنسان اَڪيلو ناهي. هو پنهنجي سوسائٽيءَ سان ۽ پنهنجي ديش سان جڙيل آهي. جيڪو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي، اُن کي اَڪيلي سر پري ڪري نٿو سگهجي.

**جوَهراڻي: 'ديهم' جي Theme آهي، تہ اَڄ جي هن دور ۾ اِنساني خون جو تہ وکرو ٿئي ٿو، پر جسم جا ڪجهہ ٻيا عضوا بہ وڪامن ٿا. مون پڙهيو تہ توهان اُن فلم ۾ ڏيکاريو آهي تہ شايد 20 سالن کانپوءِ اَهڙو وقت بہ اَچي، جو جسم جي سڀني عضون جو وکرو ٿئي!**

گووند: ها جوَهراڻي! ويهہ سال ڪو وڏو عرصو ڪونهي!

'ديهم' منهنجي هڪ دوست منجولا پدمناڀن جو 'Harvest' جي آڌار تي لکيل ناٽڪ آهي، جيڪو هُن 1997ع ۾ لکيو هيو. نئون ملينيم اَچي رهيو هئو. اَٿينس ۾ 'Onasis Foundation for Theatre' هڪ ڪامپٽيشن ڪئي، تہ نئين ملينيم ۾ اِنسان جي ڇا حالت ٿيندي! اُن جي باري ۾ ڪجهہ Speculation آهي. اُتي تي هزار ناٽڪ Submit ٿيا هئا.

'' 'Harvest' got the top award. Award of 25000 Dollars''

**جوَهراڻي: اُن قسم جا نوان Subjects جيڪي اَوهين کڻو ٿا؛ جيئن 'اَرڌ ستيہ' ۾ 'Shetty' جو ڪردار آهي. اهو اَڄ اَسين سچ پچ ڏسي رهيا آهيون. توهان پهريون ڀيرو هندوستان ۾ پوليس کي اَهڙي نموني پردي تي ڏيکاريو هئو ۽ اُن جي اوگهڙ ڪئي ويئي هئي. اَهڙين فلمن جا پلاٽ کڻندي اَوهان کي ڪڏهن 'Censor Board' کان ڪائي تڪليف ٿي آهي؟**

گووند: سينسر وارن Luckily مونکي ڪابہ تڪليف ڪونہ ڏني آهي! مونکي 'ديو' ۾ سينسر جو ٿورو پرابلم آيو؛ جو چون پيا تہ 'گجرات' يا 'اَيوڌيا' اَهڙا نالا نہ کڻو.

**جوَهراڻي:** **اَسان جي باليووڊ ۾ ڪافي سنڌي شخصيتون آهن، جن جو فلم جڳت ۾ اَهم يوگدان آهي. ڪهڙو به کيتر هجي: فنانس، ڊئريڪشن، اِسٽوري رائيٽنگ وغيره. جي.پي.سپيءَ ’شعلي‘ جهڙي فلم ڏني. اُوهان جو نالو به هڪ وڏي بلنديءَ تي آهي! ته اَسان جو سنڌي هئڻ جي ناتي ڪجهه فرض بڻجي ٿو ته اَسين اَڄ جي اِليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور ۾ پنهنجي سنڌي سنسڪرتي، سيپتا، رهڻي ڪهڻي؛ يعني هر پهلوءَ کي اَهڙي نموني ڏيکاريون، جو اُهو سڀ نئين پيڙهيءَ تائين صحيح سلامت پهچي! اُن ڏس ۾ اُوهان ڪجهه ڪيو آهي؟**

**گووند:** فلمن ۾ به Aspects آهن.

‘‘The normal film industry is driven by commerce’’

جيسين اُنهن کي Project ۾ نفعو نظر نه ايندو ته اُها پروجيڪٽ نه ٺهندي. پوءِ پلي اُها ڪنهن به بابت ڇو نه هجي. ٻيو ته اَهڙن پراجيڪٽ ناهڻ لاءِ Base به ڪٿي!

**جوَهراڻي:** **اَسان وٽ ڪجهه ساهتيه اَڪادمي اَوارڊ يافته اَديب آهن، جن جي ڪهاڻين کي ساراهيو ويو آهي. جيڪڏهن سچ پچ اُهي ڪهاڻيون توهان تائين پهچن ته ڇا توهين اُنهن ڪهاڻين کي دنيا تائين آڻڻ جي ڪوشش ڪندا؟**

**گووند:** ڇو نه ڪنداسين! اَسان کي ته هڪ سٺي ڪهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن مان هڪ Punjab Based ڪهاڻي کڻي سگهان ٿو؛ مان هڪ Future based ڪهاڻي کڻي سگهان ٿو؛ مان ڪائي Marathi based ڪهاڻي کڻي سگهان ٿو؛ ته پوءِ مان سنڌي ڪهاڻي ڇو نه کڻندس!

**جوَهراڻي:** **اَسان جي سنڌي ٻولي، سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ کان توهين واقف آهيو. توهان جو جنم به سنڌ جي سر زمين تي ٿيو آهي. ان جو وڪاس ڪيئن ڪيو وڃي؟ ڇو ته سنڌي ٻولي رهندي ته سنڌي جاتي بچندي!**

**گووند:** جيئن مون توهان کي پهرين به ٻڌايو ته اَسان مان هر شخص کي ۽

هر گهر کي اِها جوابداري کڻڻي پوندي؛ جيئن پنهنجي ٻارن ۾ اُها سڄاڳي آڻين.

**جوَهراڻي: سنڌيت جو اَحساس هر ٻار ۾ ڪيئن پيدا ڪرڻو آهي؟**

گووند: اُهو نہ صرف ڳالهائڻ سان ٿيندو، پر اُنهن کيHistory بہ ٻڌائي وڃي. اُنهن کي اَهڙيون ڳالهيون ٻڌايون وڃن، جنهن لاءِ
''They should be proud of being a Sindhi ...''

پر جيڪا منهنجي سنيما واري فيلڊ آهي؛ اُن ۾ جيڪڏهن اَهڙي Support ملي ۽ جيڪڏهن اَسان کي پنهنجي تاريخ زنده رکڻي آهي؛ تہ پوءِ اُن ۾ نفعي کي Secondary thing ڪري رکڻو پوندو.

مان اِئين نٿو چوان تہ ڪو بہ عمل ڪجي تہ هرويرو پيسا وڃائڻ لاءِ! اِئين بہ نہ ٿيڻ کپي! پر صرف فائدو ئي کپي، اِئين نہ سوچجي! اُن کي خرچ نہ سمجهڻ کپي؛ ڇو تہ اُها هڪ Investment آهي. اَسين پنهنجي ڪلچر، پنهنجي سنڌيت لاءِ اُها Investment ٿا ڪريون. جيڪڏهن اِئين نہ ٿيندو تہ ڪلچر ختم ٿي ويندو. ٻولي تہ ختم ٿي رهي آهي؛ پر عربي سنڌي يا ديوناگريءَ ۾ ڪهڙي بہ نموني ٻوليءَ کي سنڀالي رکڻ گهرجي!

**جوَهراڻي: اَسان کي اهو ورثو ڪنهن بہ حالت ۾ اِيندڙ پيڙهيءَ تائين پهچائڻو آهي؛ نہ تہ ايندڙ پيڙهي اَسان کي معاف نہ ڪندي!**

گووند: بلڪل! پنهنجي تاريخ کي تہ زنده رکڻو ئي آهي! گڏوگڏ پنهنجي سڃاڻپ ۽ سڀيتا کي بہ قائم رکڻو آهي!

**جوَهراڻي: توهان پنهنجي ٻالڪپڻ، پنهنجي تمام تجربن ۽ سنڌ ۽ هند ۾ جيڪي ڪجهہ اَوهان تي ٿي گذريو؛ اُن اَنيوَ مان اَسان سان حال اوريو؛ اُن لاءِ وڏي مهرباني!**

گووند: Thank You !